عبداللطيف انصاري[1]

# سنڌي ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۽ ڪردار
# Importance and Literature of Translation in Sindhi Literature

**Abstract:**

Translation is a medium, by which the original meaning of the foreign language is transformed in a way which is easy to comprihend.

Translation, indeed is the second name of creation. Modern critics, call that genre a creation. Translation is a difficult art than that of traditional creative works. It is accomplished after thorough observation.

Human, social, political and educational development bank on observations. Social changes occur having studied other nation's literacy works, which is inter connected with translation. For this traslation plays its vital role.

If we make a comparasion between European and Asian literature with classical touch, the latter has left and untold influence on the former, and the credit goes to translation.

Undoubtedly without the art of translation, intellectual upheavel is a question of the question.

It is rightly said that the key to literacy treasure is translation. It is beyond doubt that the ocean of literature can only be surpassed by the cruise of translation.

الله تعالىٰ انسان کي اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو آهي، سندس ذهن کي تمام گهڻو وسيع و عريض بڻايو اٿس، ان ذهن سان حضرت انسان اهي اهي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، جن جو تصور ئي حيرت ۾ وجهندڙ آهي. انسان پنهنجي عقل ۽ شعور سان پنهنجي اردگرد جي شين کي پنهنجي مشاهدي اندر آڻي ان مان نتيجا اخذ ڪري ٿو. مختلف شين جي بابت پنهنجي ذهن ۾ هڪ تصوير جوڙي ٿو، جيڪا ان رابطي جو ذريعو بڻجي ٿي.

انساني ذهن بنيادي طور تي هڪ بهترين مترجم آهي، جو پنهنجي اردگرد ڦهليل شين جو جائزو وٺي ان جي مفهوم کي ذهن ذريعي شعور ۾ پهچائي ٿو. جيڪڏهن اسين غور ڪنداسين ته اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته جيڪا تخليق يا لکت اسان پڙهندا آهيون، اسان جو ذهن هڪدم ان جو مفهوم ۽ معنىٰ سمجهي اسان جي شعور تائين پهچائي ٿو، يعني ڇئي سگهجي ٿو.

تہ انساني ذهن هڪ مترجم جي حيثيت سان هر وقت ڪم ۾ رڌل آهي. انساني اک جيڪا بہ شيءِ ڏسي ٿي يا پڙهي ٿي، انسان جو ذهن هڪدم ان جي معنىٰ ۽ مفهوم کي واضح ڪري ٿو. هر شخص جي ذهني صلاحيت مختلف هوندي آهي، اهو ئي سبب آهي تہ هر ماڻهو پنهنجي ذهني صلاحيت مطابق شين کي پرکي ۽ پرجهي ٿو، معنىٰ ۽ مفهوم ڪڍي ٿو. اها معنىٰ ۽ مفهوم ئي دراصل ترجمو آهي.

جڏهن هڪ اديب ڪنهن ڌاري زبان جي تخليق کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻي ٿو يا پنهنجي ٻوليءَ جي تخليق کي ڌاري ٻوليءَ ۾ آڻي ٿو ، ان کي ترجمو چئبو آهي. عام طور تي ترجمي جي وصف آهي تہ هڪ ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل خيالن جي اظهار کي ٻئي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ وغيره.

جامع سنڌي لغات مطابق ترجمو ۽ مترجم جي معنىٰ آهي : "ترجمو ، هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ ۽ ترجمو ڪندڙ هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ بيان ڪندڙ وغيره" **(1)**

**ترجمي جي، انگريزي وصف مطابق:**

"Translation is the communication of the meaning of a source-language text by means of an equivalent target-language text." **(2)**

عام طور تي ترجمي جي معنىٰ ۽ مفهوم اهو آهي تہ ڪنهن بہ زبان جي خيالن کي ٻي ٻوليءَ ۾ آڻجي. ترجمو ڪنهن ٻوليءَ جي لکت کي ڪنهن ٻي زبان جي لکت ۾ پيش ڪرڻ جو نالو آهي، جنهن ۾ ان جي وصف، معنىٰ، مفهوم، انداز بيان ۽ اظهار وغيره جا سمورا رخ پيش ٿي وڃن. ترجمو هڪ فن آهي، جيڪو ڪنهن بہ لکت جي نظرياتي پهلوءَ کي لسانياتي طور منتقل ڪرڻ جو نالو آهي.

ترجمو ڪنهن بہ ڌاري ٻوليءَ جي اصل تخليق جي خيالن کي ٻي ٻوليءَ ۾ اهڙيءَ طرح منتقل ڪرڻ جو نالو آهي، جو انهيءَ ٻوليءَ جي اصل روح، خيال، معنىٰ ۽ مفهوم، پسمنظر، ماحول وغيره سڀ نموني اچي وڃي. ترجمو، ڪنهن بہ لکت يا تخليق ۾ موجود خالص علمي، فني، ادبي ۽ تخليقي نوعيت جون صلاحيتون هڪ معتدل نموني ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ جو نالو آهي. ترجمو، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لکت يا متن کي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ،

جنهن ۾ ان ٻوليءَ جي لکت يا متن ۾ معنيٰ، مفهوم، انداز بيان، اظهار، ماحول وغيره اچي وڃن ان کي ترجمو چئبو آهي.

مشهور اديب، احمد سهيل پنهنجي مقالي ۾ ترجمي جي وصف لکندي چوي ٿو تہ:

"ترجمہ لسانی و متنی میٹا فر سیس (قلب ماہیت) ہے جو ایک زبان میں منتقل کر کے اپنے نفوز کا عمل مکمل کرتا ہے۔ اس عمل میں تخلیق یا تحریر اپنی مخصوص ماحولیاتی قیود سے باہر نکل کر جہاں ایک طرف نئے معاشرتی گروہ کو فکر کی دعوت دیتا ہے تو دوسری جانب اس حوالے سے اس کی فکری گہرائی اور گیرائی کو صحیح طور پر پرکھنے میں آسانی ھو جاتی ہے۔ یوں ترجمے کا فن تقابل اور افتراق کے عمل سے گزر کر اپنی مجموعی اور دیانت دارانہ انکشاف کرنے میں کامیاب ھو جاتا ہے۔۔ ترجمہ جذبات، احساسات اور اظہار کی مشاہبت کا فن بھی ہے۔" (3)

عام خيال اهو ئي آهي تہ جڏهن تخليقڪار مان تخليقي صلاحيتون ختم ٿي وينديون آهن، تڏهن هو ترجمي طرف ايندو آهي، جنهن ذريعي اڳ ۾ موجود هڪ خيال کي ٻي ٻوليءَ جي تبديليءَ سان پيش ڪندو آهي. حقيقت ان ڳالهہ کان بلڪل ابتڙ آهي. مترجم کي تخليقڪار جي مقابلي ۾ ٻن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي. هو هڪ ئي وقت ڌاري ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي هڪجهڙن اصطلاحن، چوڻين ۽ پهاڪن جي ڳولا ۾ رهي ٿو، تڏهن ئي سندس ذهن ترجمي لاءِ آماده ٿئي ٿو. سنڌ جو مايہ ناز ليکڪ نجم عباسي لکي ٿو تہ:

"ساهت ۽ ٻوليءَ ۾ ترجمي جي جيڪا اهميت ۽ فائديمندي آهي، تنهن کي مان نہ ورجائيندس، مان ترجمي جا پنهنجا ڪجهہ تجربا ٻڌائيندس. مون محسوس ڪيو آهي تہ ترجمو تخليق کان وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي. جڏهن ذهن ۾ ڪهاڻيءَ جو خاڪو اڀري ٿو ۽ ڪهاڻيڪار لکڻ لاءِ بيتاب ٿئي ٿو تہ پوءِ اها لکڻ آسان ٿيو پوي. پر ترجمي ڪرڻ وقت، ڊڪشنريءَ ۾ لفظن جي معنيٰ ڏسڻ ۽ ان ٻوليءَ جا پنهنجي ٻوليءَ ۾ نهڪندڙ لفظ پرکڻ کان سواءِ، ان ٻوليءَ جي اصطلاحن لاءِ پنهنجي ٻوليءَ جا اصطلاح ڳولڻ ۽ اچا بہ ان ٻوليءَ جا ويچار پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻڻ واسطي وڏي ذهني ولوڙ ۽ دماغي جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي".(4)

سنڌ جو عظيم مترجم ۽ ليکڪ ولي رام ولڀ، ترجمي جي فن کي تمام ڏکيو ۽ هڪ فرد جي وت کان ٻاهر جو ڪم چوي ٿو. هو لکي ٿو تہ :

"ترجمو ڪندڙ کي ترجمي ڪرڻ وقت تخليق جي تجربي مان گذرڻو پوندو آهي. آئون جڏهن به ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جي ادب جي ڪنهن به صنف جي شهپاري کان متاثر ٿيندو آهيان ته هن کي هڪدم پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي خواهش جاڳندي اٿم. پر اهڙين سوين شاهڪارن کي ترجمو ڪرڻ وقت ڪيترين ئي ڏکيايون پيش ايندڙيون آهن ۽ پوءِ اهو ڪم هڪ فرد جي وت کان ٻاهر ٿجيو پوي." (5)

ها حقيقت آهي ته ترجمي جو فن ڳوڙهي مطالعي ۽ مشاهدي کان پوءِ بهتر صورت ۾ عمل ۾ ٿو اچي. مترجم کي اصل تخليقي روح کي برقرار رکڻ ۾ تمام گهڻي مشڪلات درپيش اچي ٿي.

مشهور اديب ۽ مترجم ڊاڪٽر قاضي خادم لکي ٿو ته:

" ترجمي جو فن ڪنهن به صورت ۾ تخليقي عمل کان گهٽ ڪونه آهي، هن فن جو واسطو ڳوڙهي مطالعي ۽ ٻوليءَ جي مهارت سان آهي، تخليقي فنڪار کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تخليق تي ڪرڻي پوي، جڏهن ته ترجمي ڪندڙ کي اصلي لکڻيءَ جي ٻوليءَ جي صحت ۽ مفهوم جو روح برقرار رکڻ سان گڏ، ان کي ٻي ٻوليءَ ۾ اهڙي ته انداز سان پيش ڪرڻو ٿو پوي جو ان جي اصليت تي به ڪو اثر نه پوي ۽ اهو گهربل ٻوليءَ ۾ سهڻي انداز سان منتقل به ٿي وڃي." (6)

حقيقت ۾ ترجمي جو فن هڪ تخليقي عمل ئي آهي، مترجم هڪ پرائي ٻوليءَ جي خيالن کي پنهنجي ماحول ۽ پسمنظر ۾ سموهي ٿو، اهو عمل ڪنهن به تخليقي عمل کان گهٽ ڪين آهي. ڊاڪٽر قاضي خادم وڌيڪ لکي ٿو ته:

"دراصل ترجمي جو هڪ فن هڪ تخليق ئي آهي، مترجم هڪ ڌارئي ٻوليءَ جي خيال کي پنهنجي ماحول ۽ پسمنظر ۾ سموهي ٿو، اهو عمل ڪنهن به تخليقي عمل کان گهٽ ڪين آهي". (7)

ترجمي جي فن جو ڪينواس نهايت وسيع آهي، جنهن ۾ مترجم کي پنهنجي فني ۽ تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ جو ڀرپور موقعو ملي ٿو. ترجمي جي فن ۾ تخليقڪار کي ٻٽي صلاحيت درڪار هوندي آهي، هڪ ته هو پنهنجي ٻوليءَ جو ماهر هجي، اصطلاحن، ترڪيبن، چوڻين، استعارن وغيره جي استعمال جو ماهر هجي، ٻيو ته جنهن ٻوليءَ مان ترجمو ڪري رهيو آهي، ان جو به ساڳيءَ ريت ماهر هجي، جنهن کان پوءِ ئي هڪ لاڀائتو ۽ قيمتي ترجمو وجود ۾ اچي سگهندو آهي.

**ترجمي جي اهميت، افاديت ۽ ڪردار:**

انساني تاريخ جو مطالعو ڪبو ته خبر پوندي ته، ڪنهن نه ڪنهن هڪ قوم، دنيا جي مختلف قومن تي حڪومت ڪئي آهي، قديم يونان ڪان اڄُ سوڏو تائين جي تاريخ اهو ئي اهجاڻ ڏئي ٿي. مسلمانن پنهنجي عروج ۾ يوناني فلسفي کي عربيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ڏاهپ جا وڏا ڏس حاصل ڪري وڏا فائدا ورتا، جنهن ڪان پوءِ يورپي ملڪن وري عربيءَ ۽ يونانيءَ مان فلسفي ۽ علمي خزاني کي ترجمو ڪري پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ منتقل ڪيو، جنهن سبب ئي اهي گهڻي وقت تائين مختلف ملڪن تي حڪومت ڪري سگهيا ٿي.

انهيءَ عمل کي جاري رکي، ان وقت جي پوئتي پيل ملڪن، جپان، چين وغيره پنهنجي ملڪن ۾ صنعتي ۽ تجارتي انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. انهن ملڪن جي قومي، سياسي، سماجي ۽ علمي ترقيءَ ۽ سجاڳيءَ واري تحريڪن جو علمي بنياد صرف انهن جي اصولوڪي لکڻين تي ئي نه بلڪ ڌاريءَ ٻوليءَ جي لکتن مان ڪيل ترجمي تي به هو.

ترجمن جي ثقافتي اهميت سمجهڻ لاءِ هڪ مثال قديم يوناني ڏاهن جي تخليقن مان به ملي ٿو، انهن يوناني ڏاهن جي ڏاهپ رڳو يونان تائين ئي محدود هجي ها، جي انهن جون سوين سال پراڻيون، ڏاهپ وارو فلسفو رکندر تخليقون عربيءَ يا ٻين ٻولين ۾ ترجمو نه ٿين ها. اهڙي ڏاهپ جو املهه خزانو هميشه لاءِ يونان جي جنگي تباهه ڪارين سبب تباهه ۽ برباد ٿي وڃي ها. ۽ اڄُ سموري دنيا سندس شاندار ۽ بي مثل فلسفي ڪان اڻ واقف رهجي وڃي ها، ساڳئي ريت بو علي سينا، ابوريحان البيروني وغيره جون شاندار تخليقون عرب ۽ فارس ۾ ئي ختم ٿي وڃن ها، جيڪڏهن انگريز اهڙن عظيم شاهڪارن جو ترجمو نه ڪن ها.

ان مان ثابت ٿيو ته ڪنهن به ملڪ جي ڏاهي کي عالمگير شهرت ڏيڻ ۾، ترجمي جو وڏو ۽ اهم ڪردار رهيو آهي.

انساني تاريخ گواهه آهي ته، دنيا جي مختلف ملڪن جي حڪمرانن ۽ شاهوڪارن خزانن جا خزانا لٽائي سموري دنيا جي ادب کي پنهنجي زبان ۾ ترجمو ڪرايو. اڄُ سوڏو اهي ترجمو ڪيل ڪتاب پنهنجو مثال پاڻ آهن ۽ انسان انهن ترجمن مان لاڀ پرائي رهيا آهن. ايراني بادشاهن ڪان وني بغدادا جي خليفن تائين ڪيترن ئي حڪمرانن پنهنجي سلطنت جا خزانا لٽائي اهڙي انمول لوڪ

ادب کي پنهنجي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي، ادبي خزاني ۾ املهه اضافو ڪيو. انهن حڪمرانن سنسڪرت تان عربي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ ”نل - دمينتي“ جهڙن شاهڪار ڪتابن کي ترجمو ڪرايو، جنهن کي اڄُ جي دنيا ”انوار سهيلي“، ”گلزار چنبيلي“ ۽ ٻين نالن سان سڃاڻي ٿي.

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مڪاني اديبن کي ادب ۾ ايتري فوقيت، اهميت يا مقبوليت حاصل نہ آهي، جيتري ڌاري ٻوليءَ جي اديبن کي آهي. اهو مان مرتبو صرف ۽ صرف ترجمي ڪري ئي آهي. انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ انهيءَ ترجمي جي خاصيت سبب عمر خيام کي شيڪسپيئر تي فوقيت حاصل آهي. ان ڏس ۾ رسول بخش پليجو، ترجمن جي اهميت ۽ افاديت بابت لکي ٿو تہ :

”انگلينڊ توڙي آمريڪا ۾، جيڪا مقبوليت اڄُ عمر خيام کي حاصل آهي، اتي شيڪسپيئر جهڙي شيرين ڪلام جادوگر جي بہ جاءِ نہ آهي. اهو انگريزي ترجمو، ”فز جيرالڊ“ جي ترجمي جو ڪرشمو آهي، جنهن خيام جي شعر جي گوناگون رنگ بہ رنگي بهشتن کي انگريزيءَ جي قالبن ۾ اهڙيءَ تہ خوبصورتيءَ ۽ ڪمال سان آندو آهي، جو پڙهندڙ مست ٿيو پون.“ **(8)**

جيڪڏهن اسين، دنيا جي مختلف ادبي خزانن جو جائزو وٺنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ انهن شاهڪار ادبي خزانن ۾ گهڻائي ترجمن جي ئي آهي، جي هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ ڪيا ويا. مطلب تہ ادب ۾ شاهوڪاريءَ جو مدار نہ رڳو ڌرتيءَ، جي اصلوڪي تخليقي لکڻين تي آهي، پر پرڏيهي ۽ ڌارين ٻولين جي ترجمي تي پڻ آهي. دنيا جون شاهڪار ٻوليون، انگريزي، فرانسيسي، اسپيني، جرمن، روسي يا اٽالين وغيره رڳو پنهنجي تخليقي ادب ۽ ڏيهي لکڻين جي ڪري مهندار نہ ٿيون ليڪجن، پر دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب کي پاڻ ۾ سموهڻ ڪري بہ اتم آهن.

ان حوالي سان رسول بخش پليجي موجب دنيا جون شاهڪار ۽ ترقي يافتہ ٻوليون پنهنجي ديسي ادبي خزاني جي بنياد تي عظيم ڪونہ بڻيون آهن، پر انهن جي صحت، وسيع ۽ گهري هئڻ جو سبب، انهيءَ ٻوليءَ ۾ دنيا جي عظيم شاهڪار ادب جو ترجمو ٿيڻ پڻ آهي.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ انقلاب آڻيندڙ يا ان جي راهہ هموار ڪندڙ ، اديب ئي هئا، جن پنهنجي تخليقن ذريعي انقلابي شعور عوام جي ذهنن ۾ آندو. پر انهن اديبن جي ذهني انقلاب کي برپا ڪرڻ ۾ وڏي ۾ وڏو ڪردار مترجمن

جو آهي، جن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان زندگيءَ سان واسطو رکندڙ اٽڪل هر موضوع جا املھ هيرا لعل ترجمو ڪري پنهنجي ديس واسين اديبن جي دماغ کي تروتازه ڪيو. انهن سياسي، سماجي، معاشي، ادبي ۽ اخلاقي شعور واريون تخليقون ترجمو ڪري اديبن جي ذهنن ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو.

پليجي جي راءِ مطابق دنيا جا دانشور صرف ۽ صرف ديسي ادب پڙهي ڪري فهم و دانش جي منزل تائين ڪونہ پهتا، پر انهن جي ذهني انقلاب جو ذريعو اصل ۾ اهي ترجما ئي هئا. دنيا جا سمورا انقلاب ان ترجمي جي مرهون منت ئي هئا. عباسي دؤر ۾ يوناني دانشورن جي فلسفي تي لکيل ڪتابن جو عربيءَ ۾ ترجمو ٿيو، اهڙيءَ ريت عباسي دؤر جي روايت پسند ۽ رجعت پسند خيالن ۾ زلزلو پيدا ٿيو. اهڙيءَ ريت عالمن روايت پسنديءَ کي ترڪ ڪري کوجنائن جو نئون سلسلو شروع ڪيو، انهن عالمن جي ڪاوشن اسلامي دنيا کي ترقيءَ جي نئين راهہ ونرائي. عزالي، ابن رشد، رومي ۽ بوعلي سينا جهڙا عالم ۽ سائنسدان پڻ ان دؤر جي پيداوار آهن.

ادبي تاريخ ۾ ترجمن جي وڏي اهميت رهي آهي. ترجما ٻوليءَ ۽ ثقافت جي ڦهلاءَ ۽ ثقافتي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ڌارين ٻولين مان ترجمو ڪيل ڪتاب، پڙهندڙن تي تمام گهڻو ۽ گهرو اثر وجهن ٿا. انگريزن، دنيا جي مختلف شاهڪار ادب مان ترجما ڪري نہ صرف پنهنجي اديب جي ذهني، شعوري آبياري ڪئي پر انهن ترجمن وسيلي پنهنجي ادبي ٻوليءَ ۾ دنيا جا املھ خزانا شامل ڪيا ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي سائنس ۽ آرٽ جي جديد ۽ جامع زبان بڻايو.

ترجمي، دنيا جي عظيم شاهڪار ادب تي بہ انقلابي اثر ڇڏيا آهن. مغربي ادب، مغربي اديب ۽ دانشور ۽ يورپي تهذيب، انهيءَ ترجمي سبب سڌو سنئون مشرقي ادب جي اثر هيٺ رهيون آهن. ايشيائي لوڪ داستان، "الف ـ ليلیٰ" جو فني ۽ فڪري اثر، اڄُ بہ مغربي ادب ۽ اديب تي ڇانيل آهي. ان متعلق رسول بخش پليجي نهايت ئي اهم ڳالھ جو انڪشاف ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

"ڪي مفڪر تہ هن چوڻ کان بہ نہ ٿا ڪيٻائن تہ مشرق جي فقط هڪڙي ڪتاب کي پوري هڪ صديءَ جي مغربي تهذيب کي مشرقي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو". چناچہ "ايشيائي ادب جو خزانو" نالي ڪتاب جو مؤلف لکي ٿو تہ اوڻيهين صديءَ جي يورپي تهذيب تي جيڪو مشرقي رنگ چڙهيل هو، تنهن جو سڀ کان

وڏو ڪارڻ اهو ڪتاب هو ـ "الف ليلىٰ!". جيڪڏهن الف ليلىٰ جو پسمنظر نہ هجي ها تہ "ڊيلا ڪرو" جي مصوري، "رمسي ڪورساڪو" جي موسيقي ۽ "لارڊ بائرن" جون ترڪي آڪاٽيون جيڪر وجود ۾ ئي نہ اچن ها. انگلينڊ توڙي آمريڪي بينڪن جي ارڙهين صديءَ جا سمورا اوائلي رسالا ۽ مخزنون الف ليلىٰ جي نموني تي لکيل آڪاٽين سان ٽمٽار هوندا هئا. اڄُڪلهہ جي هالي ووڊ جي فلمي صنعت، جنهن نموني الف ليلىٰ جي ڪهاڻين جون فلمون ڌڙاڌڙ ٺاهي رهي آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو تہ الف ـ ليلىٰ جو فيشن مغرب ۾ هميشہ مقبول رهندو."(9)

ترجمن جي ڪري مختلف قومن جي اديبن جي ذهني آبياري ۽ فڪري اوسر ٿئي ٿي. ان جي مشاهداتي عمل ۾ تيزي پيدا ٿئي ٿي. ادبي دنيا ۾ موجود مختلف ۽ جديد لاڙن ڪان آگاهي ملي ٿي. ان ڪان علاوه ٻوليءَ ۾ موجود لفظي ذخيرن ۾ واڌ ٿئي ٿي. ترجما مختلف ٻولين کي معياري بڻائڻ ۾ زبردست ڪردار ادا ڪن ٿا.

مطلب تہ ترجمو جتي ادب ۽ اديب جي ذهني شعور کي انقلاب ۾ تبديل ڪري ٿو، اتي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ واڌ ويجهہ ۽ نون لاڙن ڏانهن، ٻوليءَ جي رخ کي ڦيرائي ٿو. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وڏي عرصي تائين زنده هجڻ جو هڪ سبب ترجمو بہ آهي، جنهن وسيلي هڪ ٻوليءَ جا لفظ ٻي ٻوليءَ ۾ سمائجن ٿا، جنهن ڪري ٻولي شاهوڪار ٿئي ٿي.

انساني تهذيب جي ترقيءَ ۾ پڻ ترجمي جو وڏو ۽ اهم ڪردار آهي. ترجمو مختلف قومن جي وچ ۾ سوچ ۽ فڪر جي پُل ٺاهي ٿو، جنهن سبب هڪ قوم جا خيال ۽ فڪر آسانيءَ سان ٻي قوم تائين پهچائي سگهجن ٿا.

ولي رام ولڀ، دنيا جي شاهڪار ادب کي ترجمو ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جو خواهان آهي. سندس خيال آهي تہ اهڙي عمل سان ئي دنيا جي مختلف قومن جا اديب ثقافتي، سماجي، سياسي ۽ ادبي حوالي سان هڪ ٻئي ويجهو اچي سگهن ٿا. سندس خيال موجب دنيا ۾ شاهڪار ادب جا سمونڊ پريا پيا آهن، ان جي لذت کي چکڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ هر صنف جو ترجمو ڪرڻ لازمي آهي. هو سرڪاري ادارن کي ان ڏس ۾ اڳتي اچڻ لاءِ چوي ٿو، چاڪاڻ تہ هو سمجهي ٿو تہ ايڏي وڏي ڪم لاءِ جامع پلاننگ ۽ قومي سطح جي ادارن جو سهڪار نهايت ضروري آهي. ولي رام ولڀ لکي ٿو تہ:

”اسان جي ٻوليءَ جو ادب، فڪر، ٽيڪنڪ، فارم ۽ ڪنٽينٽ جي جن جن مرحلن مان گذري، جنهن منزل تي پهتو آهي، انهيءَ کي ڏسبو ته اسان بيشڪ پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخي، جاگرافي، سياسي، معاشي، مذهبي ۽ سماجي حالتن جو ڪچو مال حاصل ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت پرڏيهي ادب جي مختلف ذهني ۽ فڪري لاڙن ۽ نظرين کي قبولي فارم ۽ ٽيڪنڪ جا تجربا به ڪيا ويا آهن. اهڙي قسم جا تجربا اسان کي هڪٻئي جي ويجهو آڻين ٿا ۽ هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ مدد ڪن ٿا. ادب جي چاشنيءَ جا سمنڊ پريا پيا آهن، پر انهيءَ چاشنيءَ کي چکڻ لاءِ اسان کي پرڏيهي ادب جي هر صنف جي شاهڪار ڪتابن کي ترجمو ڪرائڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪم لاءِ جامع رٿابنديءَ جي ضرورت آهي، جيڪا قومي سطح جا ادارا ئي ڪري سگهن ٿا.“ (10)

رسول بخش پليجي مطابق، ترجمي جو فن نوجوانن جي ذهني لاڙن کي تبديل ڪرڻ جو ڪارڻ آهي، جنهن سبب ادب ۾ صحتمند لاڙن جي اچڻ ڪري انقلابي صورتحال پيدا ٿي وجي ٿي. سندس چوڻ مطابق ترجمو ڪرڻ سان ليکڪ ۾ طبعزاد تخليق جو رجحان پڻ وڌي ٿو. رسول بخش پليجو ان ڏس ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته:

”سنڌي نوجوانن تي ڏيپلائيءَ جو جيڪو گهرو اثر وڌو ۽ هو جيترو مقبول ٿيو، سو ڪنهن کان لڪيل ڪونهي. منهنجي راءِ آهي ته ڏيپلائيءَ جا ڪيترائي اوائلي ڪتاب، عبدالحليم شرر، صادق حسين ۽ راشد الخيريءَ جا آزاد ترجما هئا. ڏيپلائييءَ ترجمي جو جيڪو حق ادا ڪيو، تنهن جو نتيجو نه رڳو اهو نڪتو جو ماڻهن کي اهي ترجما اصولوڪن سنڌي ناولن کان هزار دفعا وڌيڪ وڻندڙ لڳا پر هو خود به هڪ ڪامياب اصلوڪو ليکڪ بڻجي ويو.“ (11)

ترجمہ نگاري به هڪ فن آهي. جنهن ذريعي مخلف قومن جي ٻولي، ڪلچر، رسم ۽ رواج، اٿڻي ويهڻيءَ کي ٻي ٻوليءَ ۾ اهڙي نموني سموهجي ٿو جو ان جا سمورا لوازمات ماحول، ڪردار، منظر وغيره پنهنجا پنهنجا لڳڻ لڳن ٿا اهي اوپرا نه پر پنهنجا ڏٺل وائٺل لڳن ٿا.

دراصل ترجمي جو فن هڪ تخليق ئي آهي، مترجم هڪ ڌارئي ٻوليءَ جي خيال کي پنهنجي ماحول ۽ پسمنظر ۾ سموهي ٿو، اهو عمل ڪنهن به تخليقي عمل کان گهٽ ڪين آهي. ڊاڪٽر قاضي خادم لکي ٿو ته :

“ترجمي جو فن ڪنهن به صورت ۾ تخليقي عمل کان گهٽ نه آهي. هن فن جو واسطو ڳوڙهي مطالعي ۽ ٻوليءَ جي مهارت سان آهي. تخليقي فنڪار کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تخليق تي ڪرڻي پوي، جڏهن ته ترجمي ڪندڙ کي اصلي لکڻيءَ جي ٻوليءَ جي صحت ۽ مفهوم جو رُوح برقرار رکڻ سان گڏ ان کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اهڙي ته انداز سان پيش ڪرڻو ٿو پوي جو ان جي اصليت تي ڪو به اثر نه پوي ۽ اهو گهربل ٻوليءَ ۾ سهڻي انداز سان منتقل به ٿي وڃي.” (**12**)

**ترجمي ڪرڻ جو مقصد :**

ڪنهن به فنپاري کي ترجمي جو روپ ڏيندڙ مترجم جو اصل ۽ خاص مقصد اهو هوندو آهي ته ڌاري ٻوليءَ جي ڪا اهم ۽ خوبصورت تخليق پنهنجي زبان ۾ يا پوءِ پنهنجي ٻوليءَ جي خوبصورت لکڻي ڌاري ٻوليءَ ۾ منتقل ڪجي. انهيءَ عمل سان دنيا جو مختلف ادب ۽ ان جا پارکو هڪٻئي جي ويجهو اچي سگهيا پئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم لکي ٿو ته:

“ڪنهن به فن پاري کي ترجمي ڪرڻ مان، ترجمي ڪندڙ جو خاص مقصد اهو هوندو آهي ته ڌارين ٻوليءَ جي ڪا اهم ۽ خوبصورت لکڻي پنهنجي زبان ۾ يا وري پنهنجي ٻوليءَ جي ڪا نمائنده لکڻي ڌاري ٻوليءَ ۾ منتقل ڪجي. ان طرح ئي دنيا جا مختلف ادب ۽ انهن جا پارکو هڪٻئي جي ويجهو آيا آهن ۽ انسان ذات جا قدم عظيم تر ۽ وسيع تر انساني مفادن جي طرف وڌيا آهن. يونان جو ادب انگلستان ۾، انگلستان جو ادب روس ۾، روس جو ادب سنڌيءَ ۾، مطلب ته دنيا جون سموريون ٻوليون ۽ انهن جو ادب ترجمي جي صورت ۾ ملي هڪ ٿي ويو آهي. ان طرح انسان جو بين الڪائناتي تصور به حقيقت ٿيندڙ پيو نظر اچي.” (**13**)

اصل ۾ ترجمو ڪرڻ سان تخليقي جوهر کي هٿي ملي ٿي، ترجمو پڙهڻ سان اديب ۽ ليکڪ ۾ نئون جذبو، اتساهه ۽ تخليقي قوت پيدا ٿيندي آهي. ترجمن ذريعي ئي تخليقڪار ۽ عام انسان واقفڪار ماحول مان نڪري دنيا جي وسيع و عريض ماحول مان آگاهي حاصل ڪندا آهن.

ترجمو، مختلف قومن جي ثقافتن وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿو، جنهن جي ڪري انسان جي اندر هڪ عالمگيريت وارو تصور اپري ٿو. هو دنيا جي قومن جا مسئلا سمجهي ٿو، انهن کي پنهنجو سمجهي ٿو، ۽ انهن کي

حل ڪرڻ جا جامع اپاءَ وٺي ٿو. اهڙي ڏک، درد ۽ خوشين جي ونڊ ورڇ سان عالمي امن ۽ يڪجهتي کي هٿي ملي ٿي. بنيادي طور تي ادب جو ترجمو مختلف قومن جي ثقافتن وچ ۾ Mass media جي بنيادي فارمن مان هڪ آهي، اهو فارم ايترو بنيادي ۽ ايترو قديم آهي، جيترو خود ثقافتون، تنهنڪري ثقافت جي شروعات ٿيندي ئي، ترجمي جي ضرورت پوندي آهي. ساڳيءَ ريت جيئن ماڻهو اڪيلو جيئرو نه ٿو رهي سگهي، اهڙي طرح ثقافت ۾ اڪيلي سر اُسري نه ٿي سگهي. ترجمه نگار نه صرف مختلف قومن جي ادب کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو ۽ قوم جي ثقافت جي حاصلات کي ٻي ثقافت سان شناسائي پيدا ڪرائي ٿو پر پڙهندڙ تائين ادب جي رسائي ڪرائي ٿو، بلڪ انسان جي خاطر جدوجهد ۾ اخلاقيات کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ حصو وٺي ٿو.

نورالهدیٰ شاهه وٽ ترجمي جو مقصد، ٻوليءَ جي ڦهلاءَ ۽ سوچ فڪر جي لاڙن ۾ نواڻ کان علاوه احساساتي پڻ آهي. سندس چوڻ موجب قوم ۽ ڌرتي جو مزاج احساساتي هئڻ گهرجي، جو ترجمي کي قبول ڪري ۽ ان کي پنهنجو اظهار سمجهي. نورالهدیٰ شاهه لکي ٿي ته:

“بظاهر ادب ۾ ترجمي جو ڪارڻ ان ٻولي ۾ سوچ ۽ فڪر جو واڌارو ۽ نون لاڙن ڏانهن ان ٻولي جو رخ موڙڻ هوندو آهي. جنهن ۾ ترجمو آندو پيو وڃي. پر ان جا ان کان به وڌيڪ گهرا ۽ احساساتي ڪارڻ هوندا آهن. ٻولي، جنهن ۾ ترجمو آندو پيو وڃي، ان ۾ ايڏو ڦهلاءُ هجي جنهن ۾ ٻاهرين ادب جا لفظ سمائجي سگهجن. ان ڌرتيءَ جو سياسي، سماجي ۽ احساساتي مزاج اهڙو هجي، جيڪو نه رڳو ان ترجمي کي قبول ڪري پر ان کي پنهنجي اظهار سمجهي. نه ته ترجمو محض ترجمو آهي، جن سان بڪ اسٽال ۽ لائبريريون ڀريون پيون آهن”(14)

## حوالا :


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: جامع سنڌي لغات (مرتب ) ـ جلد چوٿون (س ـ ڪ) ـ ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ ـ ڇاپو ٻيو 2007ع صفحو 215

2. 2. The Oxford Companion to the English Language, Namit Bhatia, ed., 1992, pp. 1,051–54.)

3. سہیل احمد، ترجمے کا ساختیاتی نظریہ، بشمول، ساختیات: ،تاریخ، نظریہ اور تنقید..، نئی دہلی، 1999، صفحہ 235

4. عباسي نجم، اڪيلا نہ آهيون، حيدرآباد: شهباز پبليڪيشن 1982ع صفحو 9، 10

5. ولي ولي رام، سيتا هرڻ (ترجمو) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن ـ، مئي 1997ع ، صفحو 8 ، 9.

6. خادم قاضي، ڊاڪٽر: جوئاري (The Gambler) (ترجمو) ـ ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ ـ2006ع ـ صفحو ج.

7. ايضًا : صفحو ساڳيو

8. پليجو رسول بخش: وهڻ مون نہ وڙاءُ ـ حيدرآباد: نيوفيلڊس پبليڪيشن ، ـ 1992ع، صفحو 73

9. ايضًا : صفحو 74

10. ولي ولي رام، سيتا هرڻ (ترجمو) . ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن ـ 1997ع، صفحو 9 ،

11. پليجو، رسول بخش: وهڻ مون نہ وڙاءُ ـ حيدرآباد: نيوفيلڊس پبليڪيشن ، ـ 1992ع، صفحو،74

12. خادم قاضي، ڊاڪٽر، جوئاري (The Gambler) (ترجمو) ـ ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ ـ 2006ع، صفحو ج

13. ايضًا : صفحو ساڳيو

پليجو رسول بخش، اوهان جي پڇاڻان ـ مهاڳ (نورالهدئ شاهہ) ـ حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، سال ندارد